قرآني بيان

# پياري آقا جي

## اللہ پاک سان محبت

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ 11



سيپٽمبر، 2026ء
( متوقع اسلامي تاريخ 28 ربيعُ الاول،1448 هه)
جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
11 سيپٽمبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ 28 ربيع الاول 1448ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# پياري آقا جي الله پاڪ سان محبت

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... نندپڻ شريف جو هڪ عجيب واقعو
- ... 40 سالن جي زندگي مبارڪ جي اهميت
- ... لفظ ضَالّ جي درست وضاحت
- ... نندپڻ مبارڪ جون ڪجهه عادتون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ حِيْنَ يُصْبِحُ عَشْرًا وَحِيْنَ يُمْسِيْ عَشْرًا اَدْرَكَتْهُ شَفَاعَتِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي صبح ۽ شام 10، 10 ڀيرا درود شريف پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. [1]

کہیں گے اور نبی اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِيْ | مرے حضور کے لب پر اَنَا لَهَا ہو گا[2]

وضاحت: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جي خدمت ۾ شفاعت جو سوال کڻي حاضر ٿيندا، ته سڀ ئي نبي هي فرمائيندا: اِذْهَبُوْا اِلٰى غَيْرِيْ يعني مون کانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا ته پيارا آقا، مدينيَ وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مجمع الزوائد، كتاب الاذكار، باب ما يقول اذا اصبح واذا امسى، جلد:10، صفحه:120، حديث:17022۔
2...ذوق نعت، صفحه:54۔

فرمائيندا: اَنَالَهَا، اَنَالَهَا هن کم (يعني شفاعت) لاءِ مان ئي آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪ۙ (سيپارو: 30، الضحي: 7)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ ان توکي پنهنجي محبت ۾ گُم ڏٺو ته پنهنجي طرف راهه ڏنائين.

پيارا اسلامي پائرو! گذريل جمعي تي اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي مثل ۽ بي مثال هجڻ جو شان مبارڪ ٻڌو هو، اڄ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سورة وَالضُّحيٰ جي آيت نمبر 7 جي وضاحت ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا شانَ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪ۙ

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ ان توکي پنهنجي محبت ۾ گُم ڏٺو ته پنهنجي طرف راهه ڏنائين. (سيپارو: 30، الضحي: 7)

هن آيتِ ڪريمه جي متعلق علمِ تفسير جي ماهر عالمن جا 2 قول آهن: پهريون قول هي آهي ته هن آيت ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍپڻ مبارڪ جي هڪ خاص واقعي جو بيان آهي.[1] اهو واقعو چا آهي؟ ٻڌو!

## ننڍپڻ شريف جو هڪ عجيب واقعو

ان وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حليمه سعديه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وٽ رهندا هئا، سيده حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا خدمت جي سعادت ماڻيندين هيون، هڪ پيري پاڻ رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ونيِ مڪي شريف وجي رهيون هيون، جڏهن شهر جي دروازي تي پهتا تہ ڏٺو دروازي تي تمام گهٽي رش لڳل هئي، تنهنڪري ٿورو پاسي تي هٿي بينيون، ان دوران انهن کا ضرورت پيش آئي، پاڻ پنهنجي نورِ نظر محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي اتي ئي ترسايو ۽ ڪجهه منٽن لاءِ هڪ پاسي هليون ويون. اوچتو پاڻ هڪ زوردار آواز ٻڌو، ڊوڙي واپس آيون، چا ٿيون ڏسن تہ نورِ نظر، دل جا چين محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اتي موجود ناهن. الله! الله! دل تي جڻ قيامت ٽٽي پئي، تڙپي ويون، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳيون، ماڻهن کان پڇن ٿيون: اي انسانو...!! چا توهان منهنجي نورِ نظر کي ڏٺو آهي؟ افسوس! ڪنهن کي ڪجهه معلوم نہ هو، ڪو ان بابت ڪجهه نہ ڄاڻندو هو.

هي هڪ قيامت جو لمحو هو، هزارين غير مسلم هئا، جيڪي ننڍپڻ کان ئي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي سجاڻندا هئا، نشانين سان ڄاڻندا هئا تہ هي آخري نبي آهن، هزارين اهلِ ڪتاب پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد ڪرڻ جا موقعا ڳوليندا هئا. حضرت حليمه سعديه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا به انهن جون ناڪام ڪوششون ڏسي چڪيون هيون، شايد ان وقت اهي سيئي خطرا ذهن ۾ اچي ويا هوندا، تنهنڪري حيران هيون، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي ۾ تمام گهٽو

1...تفسير كبير، پاره:30، سورۂ بقرة، زير آيت:7، جلد:11، صفحه:197 خلاصةً۔

پريشان هيون، انهيءَ حالت ۾ پاڻ متي تي هٿ رکي ڇڏيا، پريشاني ۾ ويهي ويون تہ ڪريان تہ چا ڪريان، محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ڳوليان تہ ڪٿي ڳوليان...؟

فرمائن ٿيون: مان متي تي هٿ رکي، پريشاني ۾ ويني هيس، ايتري ۾ هڪ پوڙهو شخص مون وٽ آيو، چيائين: اي سعديہ! چا ڳالهہ آهي؟ چو پريشان آهين.؟ مون چيو: منهنجو نورِ نظر هتي ئي هئا، هاڻي خبر ناهي تہ ڪٿي هليا ويا آهن. اهو پوڙهو چوڻ لڳو: گهبراءِ نہ، مان ڪنهن اهڙي ڪي ڄاڻان ٿو، جيڪو انهن جو پتو ٻڌائي سگهي ٿو. پاڻ جلدي ۾ چيو: ٻڌاءِ! اهو ڪير آهي...؟ پوڙهي چيو: هُبُل (يعني اهو ڪوڙو بت جنهن ڪي قريش خدا مجيندا هئا). هي ٻڌي سيده حليمہ سعديہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ڪي جيڪا اميد لڳي هئي، سا ٽٽي پئي، پاڻ بي نيازيءَ سان فرمايائون: او پوڙها...!! تنهنجي ماءُ توتي روئي! تون نٿو ڄاڻين تہ جنهن رات محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي هئي، ان رات تنهنجي هُبُل تي چا گذري هئي...؟ (هو منهن پر اونڌو ڪري پيو هو). فرمائن ٿيون: ان پوڙهي منهنجي نہ ٻڌي ۽ پنهنجي عبادت خاني ۾ هليو ويو. ان هُبُل جي چوڌاري 7 چڪر لڳايا، چيائين: اي هبل! هي سعديہ آهي! هن جو پٽ محمد الائي ڪٽي آهي؟ ان جو پتو ٻڌائي ڇڏ...!! بس ايترو چوڻ جي دير هئي، جيئن ئي پيارو پيارو نالو محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) ورتو ويو تہ هُبُل ڏڪيو ۽ منهن پر ڪري پيو. آس پاس جيترا به بت موجود هئا، سي هڪ ٻئي تي ڪِري ٽٽي پيا.

تیری آمد تھی کہ بیتُ اللہ مُجرے کو جھکا

تیری ہیبت تھی کہ ہر بُت تھر تھرا کر گر گیا[1]

وضاحت: يَا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن پاڻ تشريف کٹي آيا تہ بيت الله شريف کين سلامي ڏيڻ لاءِ حضرت آمنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي گهر ڏانهن جهڪي پيو ۽

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:52۔

ڪعبي ۾ رکيل بتن جي اها حالت هئي جو ڏڪي زمين تي اونڌا ڪِري رهيا هئا.

سيده حليمه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: هاڻي اهو پوڙهو واپس مون وٽ آيو، ڏڪي رهيو هو، ان جا ڏند نڙڪڻ ۽ گوڏن جي ڪڙڪڻ جو آواز مان ڪنن سان ٻڌي رهي هيس. چيائين: اي سعديه! پريشان نه ٿيو...!! تنهنجي پٽ جو رب تمام عظيم آهي، هو کين ضايع نه فرمائيندو.

| | |
|---|---|
| مُحَمَّد برائے جنابِ اِلٰہی! | جنابِ الٰہی برائے مُحَمَّد[1] |

هاڻي سيده حليمه سعديه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جلدي مان حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ پهتيون، سڄو واقعو عرض ڪيائون، هو به تڙپي ويا، تلوار ڪڍي ورتائون، سخت جلال جي ڪيفيت ۾ باهر نڪتا، سڀ قريش سندن جلال کي ڏسي ڏڪي ويا، سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون: اي اسان جا سردار! اسان لاءِ جيڪو حڪم فرمايو، اسان حاضر آهيون. حضرت عبدالمطلب سڏو حرمِ پاڪ ۾ پهتا، ڪعبه شريف جو طواف ڪيائون، پوءِ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون:

| | |
|---|---|
| يَا رَبِّ اِنَّ مُحَمَّدًا لَمْ يُوْجَدْ | فَجَمِيْعُ قَوْمِیْ كُلُّهُمْ مُتَرَدِّدٌ |

ترجمو: اي الله پاڪ! محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ڪٽي آهن؟ اسان کي معلوم ناهي، تنهنڪري منهنجي سڄي قوم پريشان آهي.

غيب مان آواز آيو: اي انسانو...!! غم نه ڪريو! محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو رب کين هرگز ضايع نه فرمائيندو.[2]

---

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:65۔

2... دلائل النبوۃ للبیہقی، باب ذکر رضاع النبی صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلہٖ وَسَلَّم ومرضعتہ ، جلد:1، صفحہ:142-144 خلاصۃً۔

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جي روايت ۾ آهي: اجا هي معاملو هلي ئي رهيو هو ته ابوجهل حرمِ پاڪ ۾ پهتو، هو ڏاڇيءَ تي سوار هو ۽ ان جي اڳيان ڏاڇيءَ تي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، ان ايندي ئي چيو: اي عبدالمطلب...!! خبر ناهي ته توهان جي هن پٽ مان اسان کي ڇا پهچندو؟ مان گذري رهيو هيس، ڏٺم ته محمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم) اتي موجود آهن، مون ڏاڇيءَ کي ويهاريو، کين پنهنجي پويان ويهاريو ته ڏاڇيءَ ضد ڪيو، اتي ئي نه، مون تمام گهڻي ڪوشش ڪئي پر هلڻ ته پري جي ڳالهه ڏاڇي اٿڻ به گوارا نه ڪيو. پوءِ مون محمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم) کي اڳيان ويهاريو ته ڏاڇي اتي هلڻ شروع ڪري ڏنو.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! جڏ ته ڏاڇي اها چئي رهي هئي: اي بيوقوف...!! محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم امام آهن ۽ امام کي پني ڪرڻ بي ادبي هوندي آهي.

گويا تھی اُس اُونٹنی کی یہ صدا
جب تلک آگے نہ بیٹھیں گے نبی

بے خبر! سرکار کو آگے بٹھا
میں قیامت تک نہ اُٹھوں گی کبھی

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلام جو اهو شان هو جو الله پاڪ انهن جي حفاظت فرعونِ مصر جي ذريعي ڪرائي، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي حق ۾ انهي شان جو اظهار ڪيو ويو ته ابوجهل چاهي يا نه چاهي، الله پاڪ ان کان محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ڪرائي ڇڏي آهي.[1]

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هي اهو واقعو آهي جنهن جي طرف هن آيت ۾ اشارو ڪيو ويو ته

1...تفسیر کبیر، پارہ:30، سورۂ ضحیٰ، زیرِ آیت:7، جلد:11، صفحہ:198 مفصلًا۔

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪ۗ

ترجمو كنزُ العرفان: ۽ ان توكي پنهنجي محبت ۾ گُم ڏٺو ته پنهنجي طرف راهه ڏنائين. (سيپارو: 30، الضحي: 7)

مطلب هي بڌبو ته اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان جو ننڍپڻ شريف هو، توهان اڪيلا ڪٽي تشريف ڪٽي ويا هئا، ڏاڏا جان حضرت عبدالمطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ به گڏ نه هئا، سيده حليمه سعديه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا به گڏ نه هيون، هزارين دشمنن جو خطرو هو، انهن مان ڪنهن جا هٿ سندن دامنِ پاڪ طرف وڌن، اها ته تمام پري جي ڳالهه آهي، ابوجهل بدبخت پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن پڻي ڪرڻ جي جسارت ڪئي ته رب رحمٰن کي اهو به گوارا نه ٿيو، توهان جو رب ڪريم...!! جنهن ان وقت کين اڪيلو نه ڇڏيو، هاڻي به توهان کان عنايتون بند نه فرمائيندو، تنهنڪري اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! تسلي رکو! توهان پنهنجي رب وٽ وڏو مقام رکو ٿا.

| | |
|---|---|
| میں قربان کیا پیاری پیاری ہے نسبت | یہ آنِ خدا وہ خدائے مُحَمَّد |
| مُحَمَّد کا دَم خاص بہرِ خدا ہے | سِوائے مُحَمَّد برائے مُحَمَّد[1] |

**وضاحت:** الله اڪبر! نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي الله پاڪ سان ڪهڙي پياري نسبت آهي ته توهان الله پاڪ جي شان ۽ عظمت جو مظهر آهيو ۽ الله پاڪ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خدا آهي، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي جو هر هر ساهه انهن جي رب لاءِ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...حدائقِ بخشش ، صفحہ:66۔

## (2): آيتِ ڪريمه جي پي معنيٰ

پيارا اسلامي پائرو! علماءِ ڪرام هن آيتِ ڪريمه جي جيڪا پي معنيٰ ذڪر ڪئي، ان مطابق هن آيتِ ڪريمه ۾ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي 63 سالا ظاهري زندگي مبارڪ کي 2 حصن ۾ ورهايو ويو آهي (1): هڪ حصو اعلانِ نبوت کان اڳ جو آهي، (2): ٻيو حصو اعلانِ نبوت کان پوءِ جو آهي. الله پاڪ فرمايو:

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪ۗ

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ ان توکي پنهنجي محبت ۾ گُم ڏٺو ته پنهنجي طرف راهه ڏنائين. (سيپارو: 30، الضحي: 7)

هي 2 حصا آهن: (1): اعلانِ نبوت کان اڳ جيڪو حصو آهي، ان بابت فرمايو:

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان جي ظاهري زندگي مبارڪ جا جيڪي شروعاتي 40 سال آهن، انهن سالن ۾ توهان اسان جي محبت ۾ گم هئا (2): پوءِ ان کان بعد واري زندگي مبارڪ جو ٻيو حصو يعني اعلانِ نبوت ۽ ان کان پوءِ جي زندگي مبارڪ شروع ٿي، ان بابت فرمايو:

فَهَدٰى ۪ۗ

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! محبت ۾ وارفتگي کان پوءِ اهو عرصو شروع ٿيو ته الله پاڪ توهان ڏانهن وحي موڪلي ۽ عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ

يعني سيکاريو توهان کي، جيڪو ڪجهه توهان نہ ڄاڻندا هئا. [1]

سُبْحٰنَ اللہ! قرآن ڪريم جي جامعيت ڏسو! هي ڪمال ڏسو! 63 سالن جي ظاهري زندگي مبارڪ آهي، قرآن ڪريم ان پوري زندگي مبارڪ جو پورو پورو نقشو صرف ڪجهه لفظن ۾ ڪيڊي ڇڏيو. اعلانِ نبوت کان پهريان جيڪا زندگي مبارڪ آهي، اها بہ بيمثال ۽ باڪمال آهي، اعلانِ نبوت کان پوءِ جيڪا زندگي مبارڪ آهي، اها بہ بيمثل ۽ بي مثال آهي، فرق صرف ايترو آهي تہ پهرين 40 سالن ۾ محبوب صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جا شان اللہ پاڪ ڄاڻندو هو، محبوب صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم صرف اللہ پاڪ جي محبت ۾ وارفته رهندا هئا. اعلانِ نبوت کان پوءِ جيڪي 23 سال آهن، انهن ۾ محبوب جي شانن جو مخلوق تي بہ اظهار آهي، جڏهن اعلانِ نبوت ٿي ويو، پوءِ ماڻهن ◈ اشاري سان چند ٽٽندي بہ ڏنو ◈ لٽل سج موٽندي بہ ڏنو ◈ وٽن ۽ جانورن کي حضور صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سجدا ڪندي بہ ڏنو، هي 23 سال اهي هئا، جڏهن ڪمالاتِ مصطفيٰ جو ڪجهه ٿورو اظهار مخلوق تي بہ ٿي رهيو هو.

## لفظِ ضَالّ جي درست وضاحت

پيارا اسلامي پائرو! هن آيت ۾ جيڪو لفظ استعمال ٿيو: ضَالّ ان جو درست ترجمو ڇا آهي؟ محبتِ الاهي ۾ گُم. ان کي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! ائين عام طور تي اسان جهڙن عام انسانن لاءِ هي لفظ ڳالهايو وڃي تہ ان جي معنىٰ هوندي آهي: گمراهہ. پر هن جاءِ تي هي لفظ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لاءِ استعمال ٿيو آهي، هتي هي معنىٰ هرگز هرگز نٿي ٿي سگهي، هن جاءِ تي ان جي معنىٰ ڇا آهي؟ محبتِ الاهي ۾ وارفته. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

---

1... تفسير روح المعانی ، پاره:30، سورۂ ضحیٰ، زیرِ آیت:7، جلد:15، صفحہ:351 خلاصۃً۔

مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿۲﴾

ترجمو كنزُ العرفان: توهان جو ساٿي نه ڀٽڪيو ۽ نه ئي ٽيڙي رستي هليو.
(سيپارو: 27، النجم: 2)

خبر پئي...!! محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي زندگي مبارڪ ۾ ڪو هڪ سيڪنڊ بلڪ سيڪنڊ جو ڪروڙين حصو به اهڙو ناهي، جنهن تي لفظِ گمراهه ڳالهائي سگهجي، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گمراهن کي رستو ڏيکارڻ لاءِ تشريف کٹي آيا آهن، پاڻ هادي آهن، رهنما آهن، امام آهن بلڪ امام الانبياء آهيو.

## 40 سالہ زندگي مبارڪ جي اهميت

هڪ پيري غير مسلمن محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي گستاخي ڪئي، الله پاڪ فرمايو: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم انهن کي چئي ڇڏيو:

فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۶﴾

**ترجمو كنز العرفان:** بيشڪ مان ان کان پهريان توهان ۾ پنهنجي هڪ عمر گذاري چڪو آهيان ۽ ڇا توهان کي عقل ناهي. (سيپارو: 11، يونس: 16)

يعني اي غير مسلمو...!! ڇا توهان کي عقل ناهي؟ سمجهه نٿا رکو...؟ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي 40 سالہ زندگي مبارڪ توهان جي سامهون گذري، ان جي هڪ هڪ منٹ تي ٹورو غور ڪريو...!! توهان پاڻ ئي سمجهي ويندؤ تہ آقاءِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جهڙو سچو زماني ۾ ڪٹي به ناهي.

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! هي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها 40 سالہ زندگي مبارڪ آهي، جنهن کي الله پاڪ قرآن ڪريم جي سچي ڪتاب هجڻ جي ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچو رسول هجڻ جي دليل بڻايو آهي، خبر پئي! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها 40 سالہ زندگي مبارڪ بہ گهٽ اهم نہ هئي، ان ۾ بہ سندن شان بلند هئا.

اها زندگي مبارڪ ڪهڙي هئي...؟ اچو! ٻڌون ٿا:

## پيدا ٿيندي ئي سجدو ڪيو

پياري آقا جي پياري امڙ سائڻ بيبي آمنه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن منهنجي نورِ نظر (حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ولادت ٿي تہ مون ڏٺو تہ پاڻ سجدي جي حالت ۾ آهن، شهادت جي آڱر آسمان طرف کنيل آهي، ڇڻ تہ پاڻ رب جي حضور اظهارِ بندگي ڪندي، التجائون ڪري رهيا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو شان آهي...!! اعليٰ حضرت رحمۃُ اللہ علیہ لکن ٿا:

پہلے سجدہ پہ روزِ ازل سے درود | یادگارئ اُمّت پہ لاکھوں سلام (2)

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توهان پنهنجي پيدائش جي ڏينهن جيڪو پهريون سجدو الله پاڪ جي جناب ۾ ڪيو ان تي اسان جي طرفان درود هجن، توهان جي پنهنجي امت کي ياد رکڻ جي ان پياري پياري ادا تي لکين سلام هجن.

---

1...مواہب اللدنیہ، المقصد الاول، آیات ولادتہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ، جلد:1، صفحہ:66۔

2...حدائقِ بخشش، صفحہ:305۔

## الله پاڪ جو سڀ کان وڌيڪ قرب

پيارا اسلامي پائرو! قرآن ڪريم ۾ ان ڳالهه جو ذڪر آهي ته سجدو ڪرڻ سان الله پاڪ جو قرب ملندو آهي ۽ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: ٻانهو پنهنجي رب جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو ان وقت هوندو آهي، جڏهن سجدو ڪندو آهي.[1]

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف آڻيندي ئي سجدو ڪيو، ان مان خبر پئي ته پاڻ الله پاڪ سان بي پناهه محبت رکندا هئا ۽ قربِ الاهي جون منزلون پيدا ٿيندي ئي طئي ڪري چڪا هئا.

## سجدن جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي پائرو! ان ۾ اسان لاءِ سبق به آهي، اسان جا ذيشان آقا، رسولِ خدا، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اهي بلند رتبي وارا آهن جو پاڻ پيدا ٿيندي ئي الله پاڪ جي حضور سجدو ڪيائون.... ۽ اڄ جا اُمتي!!... افسوس! اسان کان 5 نمازون پوريون نٿيون پڙهيون وڃن، اسان حديثِ پاڪ ۾ ٻڌي: ٻانهو الله پاڪ جي قريب تر ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن سجدي ۾ مٿو رکندو آهي. افسوس! اسان سجدا نٿا ڪريون. ڪرڻ گهرجن! سجدو افضل ترين عبادت آهي ◈ نماز پڙهن، ان جي ذريعي سجدو ڪرڻ جي سعادت ملندي ◈ نوافل پڙهن، سجدن جي سعادت ملندي ◈ سجدهءِ شڪر ادا ڪندا ڪن ◈ تلاوت ڪن، سجدي واريون آيتون پڙهي سجدو ڪن، اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ثواب به ملندو، الله پاڪ جو قرب به نصيب ٿيندو ۽ الله پاڪ چاهيو ته دنيا جون پريشانيون به ختم ٿي ويندیون.

---

1...مسلم، كتاب الصلاة، باب ما يقال في الركوع والسجود، صفحه:183، حديث:482 ـ

## جنت ۾ آقا جو پاڙو

حضرت ربيعہ اسلمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صحابيءِ رسول آهن، انهن جو واقعو مشهور آهي، هڪ ڀيري پاڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ وضو لاءِ پاڻي پيش ڪيو، محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم خوش ٿي فرمايو: سَلْ! اي ربيعہ! گهر! مون عرض ڪيو: اَسْاَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِي الْجَنَّةِ يعني يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! مان توهان کان جنت ۾ توهان جو پاڙو گهران ٿو. [1]

سائل ہوں ترا، مانگتا ہوں تجھ سے تجھی کو | معلوم ہے مجھ کو تری اِقرار کی عادت

ان تي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: فَاَعِنِّي عَلَى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُود يعني ڪثرت سان سجدا ڪري پنهنجي نفس تي منهنجي مدد ڪر! [2]

مالک ہیں خزانۂ قُدرَت کے، جو جس کو چاہیں دے ڈالیں
دی خُلد جنابِ رَبیعہ کو، بگڑی لاکھوں کی بنائی ہے [3]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: ڪثرت سان سجدا ڪرڻ جنت ۾ آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو ڏيارينڊ عمل آهي. ڪيترو آسان (*Easy*) عمل آهي...!! ڪثرت سان سجدا ڪرڻا آهن، اسان روزانو پنج ئي نمازون (فرض، سنتون ۽ نوافل وغيره ملائي مڪمل) ادا ڪريون تہ 48 رڪعتون بڻجن ٿيون، هر رڪعت ۾ 2 سجدا، هي ڪل 96 سجدا ٿي ويا، گڏوگڏ تهجد جا وڌيڪ نہ تڏهن بہ 2 نفل ملائي ونو! 100 سجدا ٿي ويا، اشراق چاشت جون گهٽ ۾ گهٽ 4 رڪعتون وڌيڪ شامل ڪريو! 108 سجدا ٿي ويا، 6 رڪعتون اوابين جي نوافل جون

1...مسلم، كتاب الصلاة، باب فضل السجود و الحث عليه، صفحه:184، حديث: 489ملتقطًا۔
2...مسلم، كتاب الصلاة، باب فضل السجود و الحث عليه، صفحه:184، حديث:489۔
3...ديوان سالک، صفحه:52۔

شامل ڪريو! 120 سجدا ٿي ويا، 2 رڪعت صلاة التوبة پڙهو! ڏينهن ۾ ڪنهن هڪ نماز سان گڏ نماز تحية الوضو پڙهي ونو! تحية المسجد جا به 2 نفل پڙهي ونو! هي ڪل 132 سجدا ٿي ويا، قرآن ڪريم ۾ 14 آياتِ سجده آهن، هي 14 جون 14 آيتون پڙهي، 14 سجدا ڪريو ته حاجتون پوريون ٿيندیون آهن، دين ۽ دنيا جي هر حاجت پوري ٿيڻ جو بهترين وظيفو آهي.[1] گهٽ ۾ گهٽ 10 ڪان 12 منٽ لڳندا آهن، آياتِ سجده پڙهي 14 سجدا ڪري ونو! هي ڪل 146 سجدا ٿي ويا، جيڪي اسان تمام آسانيءَ سان هڪ ڏينهن ۾ ڪري سگهون ٿا.

ڪم ڪيترو آسان آهي، جيڪڏهن اسان ڪثرت سان سجدا ڪرڻ جي عادت بڻائي ونون ته ان مان ڇا ملندو؟ الله پاڪ جو قرب ۽ جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو...!! سُبْحٰنَ الله!

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مفلس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے[2]

## پهريان لفظ مبارڪ

بيبي حليمه سعديه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڳالهائڻ جي عمر مبارڪ کي پهتا ته پاڻ سي کان پهريون جيڪو جملو زبانِ پاڪ سان ادا ڪيو اهو هي هو:

اَللّٰهُ اَكْبَرُ كَبِيْرًا، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَسُبْحَانَ اللّٰهِ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا

(الله سي کان وڏو آهي، سي جي سي تعريفون بار بار الله پاڪ لاءِ ئي آهن

1...درمختار، كتاب الصلاة، باب سجود التلاوة، صفحه:105 مفصلًا۔
2...حدائق بخشش، صفحه:186۔

جيڪو سڄي جهان جو رب آهي ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي آهي).

وڌيڪ فرمائن ٿيون: رات جو جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائيندا هئا تہ دل مبارڪ مان هي آواز ايندو هو: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ قَدْ وَسَانَا الْعُيُوْنَ وَالرَّحْمٰنُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ (الله پاڪ کان سواءِ ڪو معبود ناهي، اسان جي اکين ۾ ننڊ اچي وئي پر رحمٰن اهو آهي، جنهن کي نہ ننڊ اچي ٿي نہ جهوٹو اچي ٹو.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪهڑو ته شان عالي شان آهي...!! اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ لکن ٹا ته:

| | |
|---|---|
| اللہ! اللہ! وہ بچپنے کی پھبن! | اس خُدا بھاتی صُورت پہ لاکھوں سلام (2) |

هي ڪمال جي ڳالهه آهي، چوڌاري سڄو ماحول شرڪ وارو آهي، ڪو تارن جي پوڄا ڪري ٹو، ڪو سج کي خدا بڻائي وينو آهي، ڪو وٹن پٹرن جي عبادت ڪري ٹو، اهڙي ماحول ۾ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ڪهڑو نرالو ننڍپڻ هو، پاڻ پيدا ٹيندي ئي سجدو ڪن ٹا، ڳالهائڻ جي عمر ۾ پهچن ٹا تہ الله پاڪ جو نالو پڪارين ٹا، معلوم ٹيو: ◈ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شروع کان ئي معرفت جي بلند ترين مقام تي پهتل هئا ◈ پاڻ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ الله پاڪ جو وجود آهي ◈ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ الله پاڪ هڪ آهي ◈ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ هو سڀ کان وڏو آهي ◈ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ هو هر قسم جي نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي ◈ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ سڀئي خوبيون الله پاڪ جون ئي آهن ۽ ◈ هي بہ ڄاڻندا هئا تہ سڀ تعريفون ڪنهن جون جيڪڏهن تي سگهن ٿيون تہ اها صرف الله رب العزت جي بلند ذات آهي.

1...بچپن مصطفی و میلاد مصطفی، صفحہ:73۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:306۔

## ٻارن کي "الله" چوڻ سيکاريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي به اسان لاءِ سبق آهي. اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم زبانِ پاڪ سان پهريون لفظ جا ڳالهايو: "الله" اسان امتين جا ٻار پهريان جا ڳالهائيندا آهن؟ ايڪڙن جا نالا؟ گاني جا ٻول؟ ٽڪ ٽاڪ ۽ يوٽيوب وغيره ڏسي ڏسي ابتيون سبتيون ڳالهيون؟ افسوس! ته اهي ٻار جيڪي اڄا ڳالهائڻ به نٿا ڄاڻن، اڇڪلهه مائرون پنهنجي سهولت لاءِ، انهن کي پرچائڻ لاءِ گانا باجا وغيره هلائي انهن جي سامهون رکي ڇڏين ٿيون، نتيجو جا ٿو نڪري؟ ٻار ڳالهائڻ شروع ئي ڪنهن غلط لفظ سان ڪري ٿو.

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي ٻارن کي "الله" چوڻ سيکاريو! ۽ ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ٻار پهريون لفظ جيڪو ڳالهائي، اهو الله پاڪ جو پيارو پيارو نالو ئي هجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: پنهنجي ٻارن جي زبان کان سڀ کان پهريان لَآاِلٰهَ اِلَّا الله چَورايون![1]

هي ڪيئن ٿيندو؟ جڏهن اسان ٻارن جي سامهون "الله، الله" ڪنداسين. اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڏوهٽيون جڏهن ننڍي عمر ۾ هيون، ڀاڻ سيني گهر وارن کي فرمائي ڇڏيو هو ته انهن جي سامهون سڀ "الله، الله" جو ذڪر ڪندا رهو. ڀاڻ خود به ڏوهٽي جي سامهون ذڪرِ پاڪ ڪندا هئا، اَلْحَمْدُ لله! سندن ڏوهٽيءَ جڏهن پهريون لفظ ڳالهايو ته اهو الله پاڪ جو پيارو پيارو نالو "الله" ئي هو.[2]

---

1...شعب الايمان، الستون من شعب الايمان وهو باب فی حقوق الاولاد والابلين، صفحه:398، حديث:8649۔

2...تربيت اولاد، صفحه:100۔

اسان کي بہ کوشش کرڻ گھرجي! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان مسلمان آھيون، الله پاڪ کي مجيندڙ آھيون، جيڪڏھن اسان بہ پنھنجي ٻارن کي "الله" چوڻ نہ سيکاريندا سين تہ ٻيو ڪير سيکاريندو...!! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ننڊپڻ مبارڪ جون ڪجھ ادائون

ابوطالب جيڪي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا آھن، انھن کي ڪافي عرصو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت جي سعادت نصيب رھي. پاڻ چون ٿا: مان محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان ئي رکندو ھيس، ھڪ رات مون چيو: توھان پنھنجي قميص لاھي ڇڏيو ۽ مون سان منھنجي بستري ۾ ئي سمھي پئو! ھي ٻڌي سندن چھري پرنور تي ناگواري جا آثار ظاھر ٿيا پر منھنجي ڳالھ کي شرفِ قبوليت ڏيندي فرمايائون: چاچا سائين! چھرو ڦيري ڇڏيو! مان قميص لاھيان ٿو، مونکي نہ ڏسجو.

ابوطالب چون ٿا: مون کي وڏي حيرت ٿي. خير! مون نگاھون ٻئي طرف ڪري ڇڏيون. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قميص مبارڪ لاھي بستري ۾ ويڙھجي سُمھي پيا. پوءِ جڏھن مان بستري ۾ ليٽيس تہ چا ٿو ڏسان تہ انھن جي ۽ منھنجي وچ ۾ ھڪ ڪپڙو رکيل آھي. وڏيڪ چون ٿا: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو جسم مبارڪ تمام نرم ۽ نازڪ ھو، خوشبو اھڙي مھڪندي ھئي جڙ تہ ھاڻي ھاڻي مشڪ سان وھنجي آيا آھن. مون سندن جسمِ پاڪ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ ڏسي سگھيس. وڏيڪ چون ٿا: گھٽو ڪري ائين ٿيندو ھو تہ رات جو اوچتو اک کلندي ھئي تہ پاڻ بستري تي موجود نہ ھوندا ھئا،

مان اٿي هيڏانهن هوڏانهن تلاش ڪرڻ لڳندو هيس ته بستري تان ئي آواز ڏئي فرمائيندا هئا: چاچا! مان ته هتي ئي آهيان، توهان ڪٿي تلاش ڪري رهيا آهيو. گهٽو ڪري اڌ رات جي وقت اهڙو ذڪر ڪندا هئا جو مان حيرت سان ڏسندو رهجي ويندو هيس. اسان جڏهن ڪاڏو ڪائيندا هئاسين يا پاڻي پيئندا هئاسين ته الله جو نالو نه ڪٽندا هئاسين پر سندن عادت مبارڪ هئي ته ڪائڻ جي شروعات ۾ بِسْمِ الله چوندا، آخر ۾ اَلْحَمْدُ لله چوندا هئا ◈ ننڍپڻ مبارڪ ۾ به ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کوڙ نه ڳالهايو ◈ ٿهڪ ڏئي نه ڪليا هئا◈ نه ڪو جاهليت وارو ڪم ڪندا هئا ◈ ۽ ٻارن سان کيڏڻ به نه ويندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! هي آهي اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو ننڍپڻ مبارڪ...!! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيندي ئي سجدو ڪيو ◈ ننڍپڻ کان ئي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا هئا ◈ رات جو سمهندا هئا ته دل مبارڪ مان ذڪر جو آواز ايندو هو ◈ ڪجهه ڪائيندا پيئندا هئا ته الله پاڪ جو نالو ڪٽندا هئا. مطلب ته ننڍپڻ کان ئي هر وقت الله پاڪ جي محبت ۾ گُم رهندا هئا.

## پهرين وحي کان ڪجهه اڳ جا احوال

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي 40 سالہ زندگي مبارڪ انهيءَ محبت ۽ وارفتگي ۾ گذري، پهرين وحي اچڻ کان ڪجهه عرصو اڳ سندن دل ۾ اڪيلائي جي محبت وڌي وئي هئي، ان وقت محبتِ الاهي جڻ ته خوب جوش تي هئي، پاڻ الله پاڪ جي محبت ۾ گهر بار ڇڏيندا هئا، ڪائڻ جو سامان ڪٽندا هئا ۽ غارِ حرا ۾ وڃي ڪيترن ئي ڏينهن تائين اڪيلائي ۾ ويهي الله پاڪ جي عبادت

1...تفسير ڪبير، پاره:30، سورۂ ضحیٰ، زيرِ آيت:6، جلد:11، صفحه:196 ملتقطًا۔

۾ مصروف رهندا هئا. روايتن ۾ آهي: اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ 40 سال ٿي چڪي هئي، ربيع الاول جي مهيني ڪان وحي جا آثار ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا، اهو هن طرح جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي سچا خواب ڏيکاريا ويا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو خواب ڏسندا هئا، هوبهو اهو ئي ڪجهه ڏينهن ۾ سندن سامهون ٿي رهيو هوندو هو، گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا انهيءَ انداز تي گذريا، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل ۾ اڪيلائي جي محبت وِڌي وئي. رمضان المبارڪ جو مقدس مهينو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪائڻ پيئڻ جو ڪجهه سامان ڪنيو ۽ غارِ حرا ۾ تشريف کڻي ويا. مڪي شريف ۾ ان وقت ٻيا به غار هئا. [1] پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا جي ئي چونڊ ڇو فرمائي، ان جي وڏي پياري حڪمت عالمن لکي آهي، فرمائن ٿا: ان وقت غارِ حرا وٽان ڪعبو شريف صاف نظر ايندو هو، تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ تشريف کڻي آيا. [2]

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪجهه ڏينهن غارِ حرا ۾ قيام فرمايو، هتي الله پاڪ جي ياد ۽ عبادت ۾ مصروف رهيا، پوءِ گهر تشريف کڻي آيا، مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پوءِ ڪائڻ پيئڻ جو ڪجهه سامان ٻڌي ڏنو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوءِ غارِ حرا ۾ تشريف کڻي ويا. ڪافي ڏينهن تائين اهو ئي سلسلو رهيو.

هي رمضان المبارڪ جي هڪ رات هئي، پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ ئي تشريف فرما هئا ته الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام پهرين وحي کڻي حاضر ٿيا. [3]

---

1...بخاری، کتاب بدء الوحی،صفحہ:65، حدیث:3 مفصلًا۔

2...ارشاد الساری لشرح صحیح البخاری، کتاب بدء الوحی، جلد:1، صفحہ:90 تحت الحدیث:3۔

3...بخاری، کتاب بدء الوحی،صفحہ:66، حدیث:3 خلاصۃً۔

سُبْحٰنَ اللہ! اهو ئي شانِ پاڪ آهي، جنهن جو هتي ذڪر ٿيو:

وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ ان توکي پنهنجي محبت ۾ گُم ڏٺو ته پنهنجي طرف راه ڏنائين. (سيپارو: 30، الضحي: 7)

الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گنهگارن کي به پنهنجي محبت ۽ الفت نصيب فرمائي.

## محبتِ الاهي حاصل ڪرڻ جا نسخا

والدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رحمةُ الله عليه جي فرمان جو خلاصو آهي: جيڪو محبتِ الاهي جو طلبگار آهي، پنهنجي دل کي باطني بيمارين کان پاڪ ڪري، الله پاڪ چاهيو ته ان کي پنهنجي محبت سان نوازي ڇڏيندو. وڌيڪ فرمائن ٿا: 9 شيون آهن، جيڪي محبتِ الاهي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار آهن: (1): هميشه باوضو رهڻ ته ان سان دل روشن ٿيندي آهي (2): خلوت (يعني گوشه نشيني، اڪيلائي) ته خلوت جي مدد سان بانهو دنياوي ڪم ڪار کان فارغ ٿي سگهي ٿو، ان سان حواس ساکن ٿيندا آهن، يڪسوئي سان الله پاڪ کي ياد ڪرڻ جو، دل ۽ دماغ حاضر رکي الله پاڪ ڏانهن متوجهه ٿيڻ جو موقعو ملندو آهي، خاص ڪري جيڪڏهن اونداهي گهر ۾ هجي ته خلوت جو وڌيڪ فائدو ٿيندو آهي، جيڪو اونداهي ۾ نه ويهي سگهي، ان کي گهرجي ته پنهنجي مٿي تي ڪپڑو وجهي ڇڏي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏي، اهڙي طرح اڪيلائي ۾ ويهي الله پاڪ کي ياد ڪندو ڪري (3): سڪوت يعني خاموشي چوته خاموشي سان عقل روشن ٿئي ٿو، سمجهڻ جي ۽ ياد رکڻ جي قوت مضبوط ٿئي ٿي (4): بک (يعني گهٽ کائڻ) (5):

بيداري (يعني گهٽ سمهڻ) (6): نفئي خاطر: يعني دل کي فضول فڪرن ۽ خيالن کان پاڪ رکڻ (7): هر حال ۾ رضائي اِلاهي تي راضي رهڻ (8): فڪرِ سالم: يعني شرعي اصولن مطابق الله پاڪ جي نعمتن، ان جي قدرتن وغيره ۾ غور ڪرڻ (9): ذڪرِ دائم يعني هميشه الله پاڪ جي ذڪر ۾ مصروف رهڻ.[1]

هي 9 ڪم جيڪو بانهو پابندي ۽ استقامت سان ڪري، الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ ان کي الله پاڪ جي محبت نصيب ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي پياري آقا، بنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي پنهنجي محبت ۾ زندگي گذارڻ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "ماهوار فيضانِ مدينہ" ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضان مدينہ (*Mahnama Faizan e Madina*). جنهن ايپليڪيشن ۾ هينئر تائين جاري ٿيل سيئي ماهوار *PDF* جي صورت ۾ موجود آهن، ان کانسواءِ ◈ سيني ماهوار جا مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ◈ سهولت لاءِ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره تلاش بہ ڪري سگهجي ٿو. توهان بہ هي ايپليڪيشن

1 ...انوار جمال مصطفےصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، صفحہ:417-خلاصۃً۔

پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست چاآهي؟

(درست شرعي مسئلو يا عوام ۾ پائي ويندڙ غلط فهمي جي نشاندهي) مسئلو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ پورو لکڻ ضروري آهي، ان جو مخفف بنائڻ خلافِ سنت آهي.

وضاحت: هي طريقو هاڻي عام ٿيندو پيو وڃي ته واٽس ايپ يا ٽيڪسٽ ميسج وغيره ذريعي جڏهن لکي سلام ڪرٽو هجي ته ان جو مخفف A.O.A لکندا آهن. اهڙي طرح جواب ۾ به W.S لکي جواب ڏيندا آهن. هي طريقو غلط آهي. شريعت سلام جا جيڪي لفظ ٻڌايا آهن، اهي ئي طئي آهن. انهن جو مخفف بنائڻ خلافِ سنت آهي. تنهنڪري A.O.A لکڻ سان سلام جي سنت ادا نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سنت مطابق اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ لکيو ته ان جي جواب ۾ W.S لکڻ واجب کي چڏڻ، ناجائز ۽ گناهه آهي. [1]

نوٽ: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ مڪمل لکڻ جي جاءِ تي صرف لفظِ سلام لکي چڏڻ به جائز آهي. [2] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... دارالافتاء اهلسنت، فتوى نمبر: WAT-2160ـ
2...بهار شريعت، جلد:3، حصه:16، صفحه:465 خلاصةً ـ

## اَسْمَاءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا مَلِكُ (اي حقيقي بادشاهه ...!!)

جيڪو به غريب ۽ مسڪين شخص روزانو 90 ڀيرا الله پاڪ جو پيارو نالو يَا مَلِكُ پڙهندو رهندو اِنْ شَاءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! غربت کان نجات ماڻيندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مدنی پنج سوره، صفحه:258۔